# آقا ڪريم ﷺ جي دنيا کان بي رغبتي

**20-October-2022**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنَّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

20 آڪٽوبر، 2022ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# آقا ڪريم ﷺ جي دنيا کان بي رغبتي

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... آقا ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دنيا کي ڏِڪاري ڇڏيو

✿... اُمّت کي دنيا کان بي رغبتي جو حڪم

✿... مون کي مال گڏ ڪرڻ جو حڪم ناهي ڏنو ويو

✿... آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بُکَ مبارڪ ياد اچي وئي

پيشڪش

مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرت فُضالہ بن عُبيد رَضِیَ اللہ عَنْه صحابيءِ رسول آهن، پاڻ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن الله پاڪ جا آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِه وَسَلَّمَ وينا هئا، هڪ شخص آيو، ان نماز ادا ڪئي، پوءِ نماز کان فارغ ٿي ڪري هيئن دعا ڪرڻ لڳو: اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِيْ وَارْحَمْنِيْ اي الله پاڪ ! منهنجي مغفرت ڪر ۽ مون تي رحم فرماءِ. ان تي پاڻ سڳورن صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِه وَسَلَّمَ فرمايو: اي نمازي! تو جلدي ڪئي، جڏهن تون نماز پڙهين تہ فارغ ٿيڻ کان بعد ويهي رهہ! پوءِ الله پاڪ جو حمد (***Praise***) ڪر جهڙو سندس شان جي لائق آهي، پوءِ مون تي درود پڙهہ، پوءِ دعا گهر!

حضرت فُضالہ بن عبيد رَضِیَ اللہ عَنْه فرمائن ٿا: ڪجهہ ئي دير کان پوءِ هڪ ٻيو شخص آيو، ان بہ نماز پڙهي، پوءِ ويهي رهيو، الله پاڪ جو حمد ڪيائين، پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِه وَسَلَّمَ تي درود پڙهيائين، رسولِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِه وَسَلَّمَ فرمايو: اَيُّهَا الْمُصَلِّيْ اُدْعُ تُجَبْ اي نمازي! دعا گهر تنهنجي دعا قبول ڪئي ويندي[(1)]

حضرت علّامہ مُلّا علي قاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پهرين نمازيءَ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ بنا وسيلي جي دعا ڪئي هئي، حالانڪ دعا ڪرڻ واري جو حق آهي تہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ پنهنجي حاجت بيان ڪرڻ کان پهريان وسيلو پيش

[1] ترمذی، کتاب الدعوات، صفحہ:798، حدیث:3477 ۔

ڪري.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديثِ پاڪ مان معلوم ٿيو: جڏهن ته الله پاڪ جي بارگاه ۾ دعا ڪيو ته وسيلي سان دعا ڪيو، درودِ پاڪ به هڪ وسيلو آهي. تنهنڪري جڏهن به دعا گهرو، شروع ۽ آخر ۾ درودِ پاڪ پڙهي وٺندا ڪيو. والدِ اعلٰي حضرت، مولانا نقي علي خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي فرمان جو خلاصو (*Summary*) آهي: دعا جي شروع ۽ آخر ۾ نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ سندن آل ۽ اَصحاب تي درود موڪليو! جو درود الله پاڪ جي بارگاه ۾ قبول آهي ۽ الله پاڪ هن کان بَرتَر آهي جو شروع ۽ آخر کي ته قبول فرمائي ۽ درميان (۾ جيڪا دعا گهري وئي) ان کي رَدّ ڪري ڇڏي.[2]

| | |
|---|---|
| محبوبِ رَبِّ اکرم! | لاکھوں سلام تم پر |
| لاکھوں درود ہر دَم | لاکھوں سلام تم پر[3] |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سٺي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي.[4]

اي عاشقانِ رسول! سٺين سٺين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سٺيون سٺيون نيتون ڪريون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ۞ رضاءِ الٰهي جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ بااَدَب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّهه سان بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽

---

[1] مرقاة المفاتيح، كتاب الصلاة، جلد:3، صفحه:17، تحت الحديث:930۔

[2] فضائل دُعا، صفحه:68 بتغير قليل ۔

[3] وسائلِ فردوس، صفحه:49۔

[4] …مسند فِرْدَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895۔

ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.۞ ۽ پياري آقا، آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آمد جي خوشي ۾ جهومي نعرا بہ لڳائيندس، جهنڊا بہ لهرائيندس ۽ ذڪرِ مصطفٰي ٻڌي ڪري دل بہ ٺاري ڪندس.

## آقا ﷺ جن دنيا کي ڌڪاري ڇڏيو

مسلمانن جي پهرين خليفي، اميرُ المؤمنين حضرت ابوبڪر صِدِّيق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي دورِ خلافت (*Caliphate*) جي ڳالهہ آهي، حضرت زيد بن اَرْقم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن اسان حضرت ابوبڪر صِدِّيق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ سان گڏ هئاسين، پاڻ پيئڻ جي لاءِ پاڻي گهريو تہ سندن خدمت ۾ ماکي مليل پاڻي پيش ڪيو ويو، جڏهن حضرت ابوبڪر صِدِّيق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ اهو شربت هٿ ۾ ورتو تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ تي ڏُڪڻي طاري ٿي وئي، پاڻ سڏڪا پري، زاروقطار روئڻ لڳا.

ڪافي دير کان بعد پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي ڪيفيت (*Condition*) ڪجھ بهتر ٿي تہ اسان عرض ڪيو: اي خليفهءِ رسول! ڪهڙيءَ ڳالهہ اوهان کي روئاري ڇڏيو؟ ان تي حضرت ابوبڪر صِديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن فرمايو: هڪ ڏينهن مان رسولِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ هيس، مون ڏٺو تہ پيارا نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪنهن شيءِ کي لوڏي رهيا آهن حالانڪ اتي ڪجھ بہ نظر نہ اچي رهيو هو، مون عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان ڪنهن شيءِ کي ڌڪاري رهيا آهيو؟ مالِڪِ جنّت، صاحبِ ڪوثر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: **دنيا منهنجي سامهون آئي، مون ان کي چيو:** اِلَيْكَ عَنِّی **يعني اي دنيا! مون کان پري ٿي وڃ...!**

حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ وڌيڪ فرمائن ٿا: اڄ جڏهن مونکي پاڻيءَ جي جڳهہ تي شربت پيش ڪيو ويو تہ مونکي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دنيا کان بي رغبتي ياد اچي وئي ۽ مونکي خوف ٿيو تہ ڪٿي مان دنياوي سهولتن جو

شڪار نہ ٿي وڃان.[1]

اچو! الله پاڪ جي بارگاھ ۾ دعا ڪريون ٿا:

حُبِّ دُنیا میں دِل پھنس گیا ہے
نفسِ بدکار حاوِی ہوا ہے

ہائے شیطاں بھی پیچھے پڑا ہے
یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے

عشقِ احمد میں آنسو بہاؤں
حُبِّ دُنیا سے خود کو بچاؤں

ایسی توفیق دے اِلتجا ہے
یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے[2]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## زُھد سُنّتِ مصطفٰي ﷺ آھي

پيارا اسلامي ڀائرو! زُھد يعني دنيا کان بي رغبتي الله پاڪ جو محبوب بڻائڻ وارو وصف آھي ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ھر چڱي وصف ۾ ڪامل ۽ اڪمل آھن. الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان رحمتِ دوجهان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مالِڪِ ڪونين آھن، ربِّ ڪائنات دنيا ۽ آخرت جا خزانا ڪين عطا فرمائي ڇڏيا! بلڪ حق تہ ھي آھي جو

کونین بنائے گئے سرکار کی خاطِر
کونین کی خاطِر تمہیں سرکار بنایا

کُنجی تمہیں دِی اپنے خزانوں کی خُدا نے
محبوب کیا، مالِک و مختار بنایا[3]

مطلب تہ: جيڪو ڪجھ الله پاڪ جو آھي، سڀ ڪجھ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اختيار ۾ ڏنو ويو، ان جي باوجود اسان جا

---

[1] مسند بزار ، جلد:1، صفحہ:106، حديث:44۔

[2] وسائل بخشش، صفحہ:134-138 ملتقطاً۔

[3] ذوق نعت، صفحہ:47-48۔

آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دنيا جي عيش ۽ عشرت، هتان جي فاني نعمتن ۾ دل نہ لڳائيندا هئا، پاڻ سڳورا صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ زاهدن جا بہ سردار آهن، پاڻ سڳورا صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دنيا کان ڪمال درجي جي بي رغبتي رکندا ۽ هميشہ دنيا جي نسبت آخرت کي ئي پسند فرمائيندا هئا. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

لَا تَمُدَّنَّ عَيْنَيْكَ اِلٰى مَا مَتَّعْنَا بِهٖۤ اَزْوَاجًا مِّنْهُمْ

(سيپارو: 14، سورة حجر: آيت 88)

ترجمو ڪنزالعرفان: توهان پنهنجي نگاهہ ان مال ۽ اسباب ڏانهن نہ ڪڍو جنهن جي ذريعي اسان ڪيترن ئي قِسمن جي ڪافرن کي فائدو ڪڻڻ ڏنو آهي.

تفسيرِ صراطُ الجنان ۾ هن آيت جي حوالي سان آهي: اي نبين جا سردار صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اسان اوهان کي اهڙيون نعمتون عطا فرمايون آهن جن جي سامهون دنيا جون نعمتون حقير آهن، تہ اوهان دنيا جي مال ۽ متاع کان بي پرواهہ (*Indifferent*) رهو.

مفسرينِ ڪرام هن آيت جي وضاحت ۾ فرمائن ٿا: مالڪِ جنّت، صاحبِ ڪوثر صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پهريان بہ دنيا جي طرف رغبت نہ رکندا هئا، پاڻ سڳورن صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هميشہ آخرت کي پسند فرمايو، گهڙي ڪن جي لاءِ بہ سندن پاڪيزه دل ۾ دنيا جي محبت نہ آئي، آيتِ ڪريمہ جو مطلب هي آهي تہ اي محبوب صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان پهريان بہ دنيا کان بي رغبت هئا، هن بي رغبتيءَ تي ثابت قدم رهجو![1]

زُہد وورع میں یا نبی تم بے مثال ہو | بے حد گنہگار مَیں، عصیاں شعار مَیں

[1] تفسير صراط الجنان، پاره:14، سورۀ حجر، تحت الآية:88، جلد:5، صفحه:265ماخوذاً۔

## امّت کي دنيا کان بي رغبتي جو حڪم

الله اڪبر! اي عاشقانِ رسول! اسان جا آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ دنيا کان تمام گهڻي بي رغبتي رکڻ وارا هئا، ان جي باوجود پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي حڪم ٿيو ته ڪافرن کي ڏنل مال ۽ اسباب جي طرف نگاهه نه ڪٽو! ڪجهه عالم سڳورا فرمائن ٿا: هي حڪم اَصل ۾ اسان غُلامانِ مصطفٰي جي لاءِ آهي، يعني اسان مسلمانن کي فرمايو ويو آهي ته اي محبوب صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا غُلامو! توهان کي محبوب صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون نعمتون عطا ٿيون، توهان کي ايمان مليو، اسلام عطا ٿيو، قرآنِ ڪريم ڏنو ويو، اهڙي پياري محبوب صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رحمت ڀري دامن سان نوازيا ويؤ، پوءِ پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي ۾ اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! توهان کي جنّت جون هميشه واريون نعمتون به عطا ڪيون وينديون، هي سڀ ڪافرن کي ڪٿي نصيب آهن...!! ان ڪري ڪافرن کي مليل دنياوي، فاني مال ۽ اسباب جي طرف نگاهه نه ڪٽو! ان کي هرگز خواهش جي نظرن سان نه ڏسندا ڪريو!

قرباں مَیں اُن کی بخشش کے مقصد بھی زباں پر آیا نہیں
بِن مانگے دیا اور اتنا دیا دامن میں ہمارے سمایا نہیں
ایمان ملا اُن کے صدقے قرآن ملا اُن کے صدقے
رحمٰن ملا اُن کے صدقے وہ کیا ہے جو ہم نے پایا نہیں

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪافر جي لاءِ دنيا ۽ اسان جي لاءِ آخرت

مسلمانن جو ٻيو خليفو، حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنۡه بارگاهه رسالت ۾

حاضر ٿيو، ڏٺائون: هڪ چمڙي جو وهاڻو آهي، جنهن جي اندر کجيءَ جو ڪاٻر پريل هو، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان وهاڻي تي ٽيڪ لڳائي کُهري واڻ (**Coarse cloth**) مان واڻيل کٽ تي ليٽيل آهن، کٽ تي ڪو هنڌ يا ڪپڙو بہ نہ هو، مڪي مدني تاجدار صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کٽ تان اٿيا تہ سندن جسم مبارڪ تي واڻ جا نشانَ پيل هئا.

آقا ڪريم صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دنيا کان ڪناره ڪشي ڪرڻ جو هي منظر ڏسي سچي عاشق حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنۡه جي دل پرجي آئي، اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا. پاڻ ڪريمن صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سچي عاشق کي روئيندي ڏسي فرمايائون: اي عمر! ڇو ٿو روئين؟ عرض ڪيائين: يارسولَ الله صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! خدا جو قسم! بارگاهِ الٰهي ۾ اوهان جو وڏو بلند مقام آهي، اوهان قيصر ۽ ڪسرٰي (روم ۽ ايران جي بادشاهن) کان تمام وڌيڪ عزّت وارا آهيو، يا رسولَ الله صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مونکي روئڻ ان ڳالهہ تي آيو جو قيصر ۽ ڪسرٰي تہ دنياوي نعمتن ۾ عيش سان زندگي گذارين ۽ اوهان الله پاڪ جا رسول ٿي ڪري اهڙي زاهدانہ زندگي گذاري رهيا آهيو؟ سچي عاشق جي ڳٽيتي جوڳي ڳالهہ ٻڌي ڪري سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اي عُمر! **ڇا تون هن (ڳالهہ) تي راضي ناهين تہ انهن ڪافرن جي لاءِ دنيا آهي ۽ اسان جي لاءِ آخرت آهي؟**[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! ٻڌو توهان! اسان جا آقا، پيارا پيارا مصطفٰي صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دنيا کان ڪيتري قدر ڪناره ڪشي ڪندا هئا، هتان جي فاني نعمتن ۽ عيش و عشرت کان پري رهندي ڪهڙي نہ سادي ۽ زاهدانہ زندگي گذاريندا هئا.

سلام اس پر کہ جس نے بے کسوں کی دستگیری کی
سلام اس پر کہ جس نے بادشاہی میں فقیری کی
سلام اس پر کہ جس کے گھر میں چاندی تھی نہ سونا تھا
سلام اس پر کہ سادہ بوریا جس کا بچھونا تھا

---

[1] مجمع الزوائد، کتاب الزہد، جلد:10، صفحہ:428، حديث:18298۔

## آخرت کي دنيا تي ترجيح ڏيو!

هن حديثِ پاڪ ۾ هي ڪيترو پيارو ۽ نصيحت (*Advice*) ڀريو مدني گلُ آهي. سرڪارِ اعظم، رسولِ محترم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اي عمر! ڇا تون هن (ڳالھ) تي راضي ناهين تہ ڪافرن جي لاءِ دنيا ۽ اسان جي لاءِ آخرت آهي.

معلوم ٿيو: پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دنيا تي آخرت کي ترجيح ڏيندا هئا. ڪاش! اسان بہ اهو ذهن بڻايون، دنيا وڃي ٿي تہ ڀلي وڃي پر ڪنهن صورت بہ آخرت هٿان نہ وڃي. اللّٰہ پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

مَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الْاٰخِرَةِ نَزِدْ لَهٗ فِيْ حَرْثِهٖ ۚ وَ مَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الدُّنْيَا نُؤْتِهٖ مِنْهَا وَ مَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ مِنْ نَّصِيْبٍ ﴿۲۰﴾

(سيپارو: 25، سورة شوريٰ: آيت 20)

ترجمو ڪنزالعرفان: جيڪو آخرت جي پوکَ گھري ٿو تہ اسان ان جي لاءِ ان جي پوکَ ۾ اضافو ڪري ڇڏيندا آهيون ۽ جيڪو دنيا جي پوکَ چاهي ٿو تہ اسان ان کي ان مان ڪجھ ڏئي ڇڏيندا آهيون ۽ آخرت ۾ ان جو ڪو حصو ناهي.

يعني جنهن کي پنهنجي اعمال مان آخرت جو نفعو (*Benefit*) حاصل ڪرڻ مقصود هجي، جيڪو دنيا جو نہ بلڪ آخرت جو فڪر ڪري، اللّٰہ پاڪ ان کي نيڪين جي توفيق ڏئي ڪري، ان جي لاءِ نيڪ اعمال جون راهون آسان فرمائي ڪري، ان جي نيڪين جو ثواب ڪيئي ڀيرا وڌائي ان جي اُخروي نفعي ۾ اضافو فرمائي ڇڏيندو آهي ۽ جنهن جو عمل صرف دنيا حاصل ڪرڻ جي لاءِ هجي ۽ اهو آخرت تي ايمان نہ رکندو هجي، تہ اللّٰہ پاڪ ان کي دنيا مان صرف ايترو ئي ڏيندو آهي، جيترو ان جي قسمت ۾ آهي ۽ آخرت جي نعمتن ۾ ان جو

ڪو حصو ناهي جو ان آخرت جي لاءِ عمل ڪيو ئي ناهي.[1]

حُبِّ دُنیا سے تُو بچا یارَبّ!
عاشقِ مصطفےٰ بنا یارَبّ!

کاش! لب پر مرے رہے جاری
ذِکر آٹھوں پہر ترا یارَبّ!

آہ! طغیانیاں گناہوں کی
پار نَیّا مری لگا یارَبّ!

نفس و شیطان ہو گئے غالِب
ان کے چُنگل سے تُو چُھڑا یارَبّ![2]

## سچي دنيا ملي وڃي پوءِ به غريب

حضرت رابعه بصريه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا هڪ ڏينهن فرمايو: جيڪڏهن ڪنهن شخص کي دنيا جي سموري دولت ڏني وڃي، اهو پوءِ به غريب (*Poor*) ئي رهندو. پڇيو ويو اهو ڪيئن؟ فرمايو: ان ڪري جو دنيا فاني آهي، هڪ ڏينهن سڀ فنا ٿي ويندو ۽ اهو مالدار خالي هٿين قبر ۾ لهي ويندو.[3]

بے وفا دنیا پہ مت کر اعتبار
تُو اچانک موت کا ہو گا شکار

موت آ کر ہی رہے گی یاد رکھ!
جان جا کر ہی رہے گی یاد رکھ!

گر جہاں میں سو برس تُو جی بھی لے
قبر میں تنہا قیامت تک رہے

## دنيا فاني، آخرت باقي آهي

اي عاشقانِ رسول! هيءَ حقيقت آهي! دنيا فاني آهي، هيءَ جلدئي فنا ٿي ويندي، هتي جيترو به عيش ڪريون، جيترو به مال جمع ڪريون، آخر سڀ فنا

---

[1] تفسير صراط الجنان، پاره:25، سورة شورٰی، تحت الآية:20، جلد:9، صفحه:52بتغير قليل.
[2] وسائل بخشش، صفحه:79ملتقطاً.
[3] الكواكب الدرية، الطبقة الثانية، حرف الراء، رابعة العدوية،جلد:1، صفحه:267.

ٽيٽو ئي آهي، دنيا مان خالي هٿين وڃڻو ئي پوندو. اسان سڀ ئي هيءَ ڳالهہ ڄاڻون ٿا پر افسوس! دنيا، مال ۽ دولت، هتان جي فاني نعمتن جي محبت اسان جي دلين ۾ گهر ڪري وئي آهي، هاءِ! ڪاش! اسان دنيا جي بدران آخرت جا طلبگار بڻجي وڃون.

الله پاڪ فرمائي ٿو:

قُلْ اَؤُنَبِّئُكُمْ بِخَيْرٍ مِّنْ ذٰلِكُمْ ؕ لِلَّذِيْنَ اتَّقَوْا عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا

(سيپارو: 3 سورة آلِ عمران: آيت 15)

ترجمو ڪنزالعرفان: (اي حبيب!) اوهان فرمايو، ڇا مان توهان کي انهن شين کان بهتر شيءِ ٻڌايان؟ (ٻڌو، اها هي آهي تہ) پرهيزگارن جي لاءِ انهن جي رب وٽ جنّتون آهن جن جي هيٺان نهرون جاري آهن انهن ۾ اهي هميشہ رهندا.

يعني اي محبوب صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ماڻهن کي فرمايو! تہ ڇا مان توهان کي دنياوي مال ۽ دولت، سون چاندي، ڪاروبار، باغ، اعلٰي سوارين ۽ بهترين گهرن کان، عمده ۽ بهتر شيءِ ٻڌايان؟ ٻڌو! اهو الله پاڪ جي قُرب جو گهر آهي يعني جنّت آهي، ان ۾ کير، ماکي، پاڪيزه شرابَ جون شاخون (نهرون) وهي رهيون آهن، هيءَ جنّت پرهيزگارن جي لاءِ آهي ۽ ان ۾ هميشہ رهندا.(1)

## آخرت جا طلبگار بڻجي وڃو...!!

مسلمانن جو چوٿون خليفو، حضرت عليُ المرتضٰي شيرِ خدا رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائي ٿو: ٻڌي وٺو! بيشڪ دنيا منهن ڦيري وڃي رهي آهي ۽ آخرت اچي رهي آهي،

[1] تفسير صراط الجنان، پاره:3، سورهٔ آلِ عمران، تحت الآية:15، جلد:1، صفحہ:511بتغير قليل۔

انهن ٻنهي جا طلبگار آهن، توهان دنيا جا طلبگار نہ بڻجو! آخرت جا طلبگار بڻجو...!! بيشڪ اڄ عمل جو ڏينهن آهي، اڄ حساب ناهي، سڀاڻي عمل جو وقت ناهي، حساب جو ڏينهن هوندو.[1]

حرصِ دُنیا نکال دے دِل سے
بس رہوں طالبِ رِضا یارَبّ!
ہائے حُسنِ عَمَل نہیں پلّے
حشر میں میرا ہوگا کیا یارَبّ!
خوف دوزخ کا آہ! رحمت ہو
خاکِ طیبہ کا واسطہ یارَبّ!
دِل کا اُجڑا چمن ہو پھر آباد
کوئی ایسی ہَوَا چلا یارَبّ![2]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## منهنجو دنيا سان ڪهڙو تعلق...؟

صحابيءِ رسول حضرت عبد اللّٰه بن مسعود رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مون ڏٺو: پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کجيءَ جي تڏي تي آرام فرمائي رهيا آهن ۽ سندن جسم مبارڪ تي تڏي جا نشانَ پئجي ويا آهن، مون عرض ڪيو: يا رسولَ اللّٰه صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! اسان کي اجازت ڏيو! تہ هن ٽُڪَ تي ڪو هنڌ وڇائي ڇڏيندا ڪريون تہ جيئن اوهان سکون سان آرام فرمائي سگهو. هي ٻڌي ڪري هادي رحمت، مالڪِ ڪونين صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: منهنجو دنيا سان ڪهڙو تعلق...؟ منهنجو ۽ دنيا جو مثال تہ اهڙو آهي جيئن ڪو مسافر سخت گرميءَ جي ڏينهن سَفر ڪري رهيو هجي، ان دوران اهو ڪنهن وڻ جي هيٺان ترسي،

[1] فضائل الصحابة امام احمد بن حنبل، صفحہ:530، حديث:881۔
[2] وسائل بخشش، صفحہ:80-81ملتقطاً۔

گهڙي کن آرام ڪري، پوءِ پنهنجي واٽ وٺي هليو وجي.[1]

| | |
|---|---|
| ہے چٹائی کا بچھونا، کبھی خاک ہی پہ سونا | کبھی ہاتھ کا سرہانا مدنی مدینے والے! |
| تری سادگی پہ لاکھوں، تری عاجزی پہ لاکھوں | ہوں سلامِ عاجزانہ مدنی مدینے والے![2] |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! هي حقيقت (***Reality***) آهي، اسان سڀئي مسافر آهيون، هي دنيا جڻ تہ صحرا (ريگستان) ۾ هڪ وڻ آهي، مسافرَ ايندا آهن، گهڙي کن هتي ترسندا آهن ۽ پوءِ آخرت جا راهي ٿي ويندا آهن. ڇا ڪو مسافر رستي ۾ ڪنهن مقام تي دل لڳائيندو آهي؟ اسان بہ زندگيءَ ۾ سفر ڪندا رهندا آهيون، ڪڏهن ايئن ٿيو آهي تہ اسان سفر تي هجون، رستي ۾ ڪو نهايت ئي خوبصورت مقام اچي تہ اسان اتي دل لڳائي هجي تہ بس هاڻي گهر ناهي وڃڻو، هاڻي زندگي هتي ئي گذارڻي آهي؟ يا رستي ۾ ڪاڻو وغيره کائڻ جي لاءِ ڪنهن هوٽل تي ترسيا هجون پوءِ اتي ئي دل لڳائي ويٺا هجون؟ نہ...!! ايئن ناهي ٿيندو. مسافر سفر جي دوران ڪيئي خوبصورت مقامات ڏسندو آهي، ڪڏهن ڪڏهن هوٽلن وغيره ۾ ترسندو آهي تہ گهر جي نسبت وڌيڪ آرام محسوس ڪندو آهي، ان جي باوجود اهو اتي دل ناهي لڳائيندو، اتان جي نعمتن ۾ گُم ناهي ٿي ويندو، جلدئي پنهنجي گهر موٽي ويندو آهي. هيءَ دنيا بہ اهڙي ئي آهي، اسان سڀ ئي مسافر آهيون، ڪجهه عرصي جي لاءِ هتي ترسيا آهيون، جلدئي آخرت جي سفر تي روانا ٿي وينداسين.

الله پاڪ پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي اسان کي دنيا کان بي رغبتي نصيب فرمائي! ڪاش! اسان آخرت جو فڪر ڪرڻ وارا

[1] الزهد والرقائق امام ابن المبارک، باب فی التواضع و کراہیۃ الکبر، صفحہ:54، حدیث:195۔
[2] وسائل بخشش، صفحہ: 426۔

ٻڌجي وڃون.

| | |
|---|---|
| ہمارے دِل سے نکل جائے الفتِ دُنیا | دے دِل میں عشقِ محمّد مرے رچا یارَبّ! (1) |

## سون ۽ چانديءَ جا جبل ڳڏ هلن ها

مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ، حضرت عائشہ صِدِّيقہ طيبہ طاهره رَضِیَ اللہ عَنْہا فرمائن ٿيون: هڪ ڏينهن انصاري خاتون موٽ آئي، ان جڏهن پاڻ سڳورن صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو سادو بِستر مبارڪ ڏٺو تہ ان جي دل ڀرجي آئي، اها فوراً گهر وئي ۽ ڪپهہ سان ڀريل نرم بسترو موڪليائين، مون رسولِ اڪرم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ اهو بِستر وڇائي ڇڏيو. جڏهن رحمت عالم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ تشريف ڪٽي آيا تہ پڇيائون: عائشہ! هي ڇا آهي؟ مون سچو واقعو عرض ڪيو، ان تي زُهد جي پيڪر، مڪي مديني جي تاجوَر صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: عائشہ! هي بِستر انهيءَ خاتون کي موٽائي ڏي! خدا جو قسم! جيڪڏهن مان چاهيان ها تہ سون چانديءَ جا جبل مون سان ڳڏ هلن ها. (2)

| | |
|---|---|
| تری فرش پر حکومت تری عرش پر حکومت | تُو شہنشہِ زمانہ مدنی مدینے والے! |
| ترا خُلق سب سے بالا ترا حُسن سب سے اعلٰی | فِدا تجھ پہ سب زمانہ مدنی مدینے والے! |
| ترا غم ہی چاہے عطّار، اسی میں رہے گرفتار | غمِ مال سے بچانا مدنی مدینے والے! (3) |

## دنياوي خزانن جي پيشڪش

حضرت خَيْثَمَہ رَضِیَ اللہ عَنْہ فرمائن ٿا: اللہ پاڪ نبي پاڪ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي هيءَ پيشڪش (*Offer*) فرمائي تہ اي محبوب صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! جيڪڏهن اوهان چاهيو تہ

---

[1] وسائل بخشش، صفحہ:82۔

[2] شُعب الايمان، باب فی حب النبی، فصل فی زہدہ، جلد:2، صفحہ:173، حديث:1468۔

[3] وسائل بخشش، صفحہ:425-429ملتقطاً۔

اسان اوهان کي دنيا جا اهي خزانا عطا فرمايون جيڪي نہ اوهان کان پهريان ڪنهن کي مليا، نہ اوهان کان بعد ڪنهن کي ملندا، ان تي وڌيڪ هيءُ تہ انهن دنياوي خزانن جي ڪري اوهان جي اُخروي انعامات مان بہ ڪجھ گھٽ نہ ڪيو ويندو. عابد ۽ زاهد نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ عرض ڪيو: اي اللّٰه پاڪ! هي سڀ ڪجھ منهنجي لاءِ آخرت ۾ ئي جمع فرمائي ڇڏ![1]

| | |
|---|---|
| بعطائے رَبِّ حاکم تُو ہے رِزْق کا بھی قاسِم | ہے ترا سب آب و دانہ مدنی مدینے والے! |
| مَیں غریب بے سہارا، کہاں اور ہے گزارا | مجھے آپ ہی نبھانا مدنی مدینے والے![2] |

## زُهد مزاج مصطفيٰ ﷺ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! دنيا ۽ دنياوي مال ۽ دولت جي ڪثرت يقيناً نقصان ڪار آهي پر ياد رکو! هيءَ هر هڪ کي نقصان ناهي پهچائيندي. عالمن سڳورن لکيو آهي: اهي بلند رتبي وارا اولياءِ ڪرام جن جي دل ۾ اللّٰه پاڪ جي محبت سمائجي چڪي هجي، جن جي دلين ۾ اللّٰه پاڪ جي ياد، ان جي محبت کان سواءِ ڪجھ باقي ئي نہ هجي، ان پاڪيزه دلين وارن اولياءِ ڪرام کي دنيا جي ڪثرت ڪجھ نقصان ناهي پهچائيندي.[3]

اللّٰه اڪبر! هي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا امَّتي آهن، جڏهن دنيا انهن کي نقصان نہ ٿي پهچائي سگهي تہ سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڪيئن ٿي نقصان پهچائي سگهي؟ جن جو قَرِيْن (يعني گڏ رهڻ وارو شيطان) بہ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو هو، انهن کي دنيا جو مال ڇا نقصان پهچائيندو...؟ پر زُهد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مزاج آهي، ڪين باقاعده پيشڪش ڪئي وئي:

---

[1] مصنف ابن ابی شیبہ، کتاب الفضائل، باب اعطی اللہ تعالی محمد، جلد:7، صفحہ:444، حدیث:162۔
[2] وسائل بخشش، صفحہ:426۔
[3] سبع سنابل مترجم،صفحہ:191خلاصۃً۔

اي محبوب صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ! اُخروي انعامات ۾ بہ بلڪل گهٽتائي نہ ڪئي ويندي. پر قربان وڃو! اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي دنيا ڪان ڪمال بي رغبتي جو هيءُ عالَم آهي جو پاڻ ان جي باوجود بہ دنيا کي قبول نہ فرمايائون بلڪ اهو ئي عرض ڪيائون: مولا! هي سڀ ڪجھ منهنجي لاءِ آخرت ۾ ئي جمع فرمائي ڇڏيو.

## مون کي مال جمع ڪرڻ جو حڪم ناهي ڏنو ويو

هاءِ! هڪ اسان ڪمزور دل آهيون، اسان جي آمدني گهٽ ٿي وڃي تہ شڪايتون ڪرڻ لڳندا آهيون، ڪمائي وڌي وڃي تہ عيش ۽ عشرت ۾ پئجي ڪري نافرمانيون ڪرڻ لڳندا آهيون، اسان جي حق ۾ تہ دنيا سَراسَر نقصان ئي نقصان آهي پر پوءِ بہ اسان دنيا جمع ڪرڻ جي چڪر ۾ ئي رهندا آهيون. حضرت ابو مسلم خولاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان روايت آهي، نبين جي نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اللّٰہ پاڪ مون کي مال جمع ڪرڻ جو حڪم ناهي ڏنو بلڪ ربِّ ڪريم مون کي حڪم ڏنو[(1)]

فَسَبِّحۡ بِحَمۡدِ رَبِّكَ وَكُنۡ مِّنَ السّٰجِدِيۡنَ ﴿۹۸﴾ وَاعۡبُدۡ رَبَّكَ حَتّٰى يَاۡتِيَكَ الۡيَقِيۡنُ ﴿۹۹﴾

(سيپارو: 14 سورة حجر:98_99)

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ پنهنجي ربّ کي ساراهيندي ان جي پاڪائي بيان ڪر ۽ سجدي ڪندڙن مان ٿي وڃ. ۽ پنهنجي ربّ جي عبادت ڪندو رھ تان جو توکي موت اچي وڃي.

پيارا اسلامي ڀائرو! سچو قرآنِ ڪريم، تمام حديثون پڙهي ڪري ڏسو! اسان کي بہ اسان جي ربِّ ڪريم مال جمع ڪرڻ، مال جي محبت ۾ پوڻ جو

[1] الزہد امام احمد بن حنبل، صفحہ:317، حديث:2316ملتقطاً۔

حڪم ناهي ڏنو بلڪ اسان جو رزق ته الله پاڪ پنهنجي ذمہ ڪرم تي ڪنيو آهي، ها! اسان کي نيڪيون ڪري، عبادت ۽ رياضت ڪري آخرت ڪمائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي پر افسوس! اسان دنيا جي رنگينن ۾ گُم ٿي ڪري آخرت کي ويساري ڇڏيندا آهيون، دنيا جي محبت، مال ۽ دولت جي حرص ۾ ايئن گرفتار ٿيندا آهيون جو زندگي جو اصل مَقصد اسان کي ياد ئي ناهي رهندو. ڪاش! زُهدِ مصطفيٰ جي صدقو اسان کي آخرت جو فڪر نصيب ٿي وڃي.

تِرا غم ہی چاہے عطّار اِسی میں رہے گرِفتار | غمِ مال سے بچانا مَدنی مدینے والے[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ناڪامي جو اَصْل سبب غربت يا حرص؟

خبر ناهي ڪنهن اسان جي ذهنن ۾ هي ڳالهہ وجهي ڇڏي آهي تہ ڪاميابي، ترقي، عروج مال ۽ دولت جي گهڻائي جو نالو آهي، خبر ناهي ڇو اسان جا خيالات اهڙا ٿي ويا آهن جو معاشري ۾ جيڪو امير آهي، اسان ان کي ڪامياب سمجهندا آهيون ۽ جيڪو ويچارو غريب آهي ان کي ناڪام، پوئتي رهجي وڃڻ وارو ۽ الائي ڇا ڇا سمجهندا آهيون.

يقين ڪيو! ڪاميابي (*Success*) ۽ ناڪامي، ترقي ۽ تنزلي، پستي ۽ بلندي، انهن جو مال ۽ دولت سان ڪو تعلق ناهي. غور فرمايو! هن دنيا ۾ سڀ کان ڪامياب ۽ ڪامل ۽ اڪمل زندگي اسان جي محبوب آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آهي، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تہ مال بہ جمع نہ فرمايو هو،

[1] وسائل بخشش، صفحہ:426۔

بلڪ سندن کي پيشڪش ڪئي وئي ته محبوب! دنياوي خزانا قبول ڪيو! پاڻ پوءِ به قبول نه فرمايا. خبر پئي:

| | |
|---|---|
| سبب کچھ اور ہے، جسے تُوخُود سمجھتا ہے | زوال بندۂ مؤمن کا بے زَری سے نہیں |

يعني مسلمانن جي زوال جو سبب غربت ناهي. ان جو سبب ڪجھ ٻيو آهي، اهو ڇا آهي؟ حرص، مال ۽ دولت جي محبت...!! انهيءَ حرص جي ڪري ته ڀاءُ ڀاءُ جو گريبان پڪڙيندو آهي ❁ حرص جي ڪري ئي وراثت ۾ خيانت ڪئي ويندي آهي ❁ حرص جي ڪري جهيڙا جهٽا ٿيندا آهن ❁ حرص جي ئي ڪري وياج جي ڏي وٺ ٿيندي آهي ❁ حرص جي ئي ڪري رشوت ورتي ويندي آهي ❁ حرص جي ئي ڪري ماپ ۽ تور ۾ گهٽتائي ڪئي ويندي آهي ❁ حرص جي ئي ڪري اغوا ڪري پنگ گهريو ويندو آهي ❁ ۽ حرص جي ئي ڪري قتل ۽ برباديءَ جون بازارون گرم ڪيون وينديون آهن. خدا جو قسم! اسان جي معاشري مان مال جي محبت ۽ دنيا جي بري حرص ختم ٿي وڃي ته معاشري جون 90 فيصد برائيون دم ٽوڙي ڇڏينديون پر هاءِ افسوس! دنيا جي محبت، مال ۽ دولت جي حرص اسان جي معاشري کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي.

| | |
|---|---|
| حِرصِ دُنیا نکال دے دِل سے | بس رہوں طالِبِ رِضا یارَبّ! |
| ہائے حُسنِ عَمَل نہیں پلّے | حشر میں میرا ہو گا کیا یارَبّ! |
| خوف دوزخ کا آہ! رحمت ہو | خاکِ طیبہ کا واسطہ یارَبّ! |
| دِل کا اُجڑا چمن ہو پھر آباد | کوئی ایسی ہَوا چلا یارَبّ![1] |

[1] وسائل بخشش، صفحہ:80-81ملتقطاً۔

اچو! دنيا جي سڀ کان ڪامياب شخصيت يعني پنهنجي آقا ۽ مولا، رسولِ خدا، احمدِ مجتبٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ طرزِ زندگي ٻڌو!

## آقا ﷺ جي مبارڪ طرزِ زندگي

سيپارو: 26 سورةُ الاحقاف جي آيت نمبر 20 ۾ الله پاڪ جو فرمانِ عبرت نشان آهي:

| | |
|---|---|
| اَذْهَبْتُمْ طَيِّبٰتِكُمْ فِيْ حَيَاتِكُمُ الدُّنْيَا وَ اسْتَمْتَعْتُمْ بِهَا ۚ فَالْيَوْمَ تُجْزَوْنَ عَذَابَ الْهُوْنِ | ترجمو ڪنزالعرفان: توهان پنهنجي حصي جون پاڪ شيون پنهنجي دنيا جي ئي زندگي ۾ فنا ڪري چڪؤ ۽ انهن مان فائدو کڻي چڪؤ پوءِ اڄ توهان کي ذلت جي عذاب جو بدلو ڏنو ويندو. |

خليفهءِ اعلٰي حضرت، مفسرِ قرآن، حضرت صدر الافاضل علّامہ مولانا مفتي سيّد محمد نعيمُ الدّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تفسيرِ خزائنُ العِرفان ۾ هنَ آيت مبارڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا، هن آيت ۾ الله پاڪ دنياوي لذّتون اختيار ڪرڻ تي ڪافرن کي تُوبِيخ (يعني ملامت) فرمائي تہ رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ حضور جي صحابہ رَضِيَ اللهُ عَنْهم دنياوي لذتن کان ڪناره ڪشي اختيار فرمائي.[1] مسلم شريف جي حديث پاڪ ۾ آهي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ظاهري وفات تائين حضور جي اهلِ بيتِ اطهار رَضِيَ اللهُ عَنْهم ڪڏهن جَوَن جي ماني بہ لاڳيتو 2 ڏينهن نہ کاڌي.[2] هي بہ حديث ۾ آهي تہ پورو پورو

---

[1] تفسير خزائن العرفان، پاره:26، سورۀ احقاف، تحت الآية:20، صفحہ:928۔
[2] مسلم، ڪتاب الزہدوالرقائق،صفحہ:1137، حديث:2970۔

مهينو گذري ويندو هو دولت خاني (يعني حويلي پاڪ) ۾ (چُلهه ۾) باهه نه ٻرندي هئي، ڪجهه ڪجورن ۽ پاڻيءَ تي گذارو ڪيو ويندو هو.[1]

کھانا تو دیکھو جَو کی روٹی
بے چھنا آٹا روٹی بھی موٹی
وہ بھی شکم بھر روز نہ کھانا
صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَسَلَّم
کون و مکاں کے آقا ہو کر
دونوں جہاں کے داتا ہو کر
ہیں فاقے سے شاہِ دو عالَم
صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَسَلَّم
قبضے میں جس کے ساری خدائی
اُس کا بچھونا ایک چٹائی
نظروں میں کتنی ہیچ ہے دُنیا
صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کان روايت آهي، پاڻ فرمائن ٿا ته (اي انسانو!) مان چاهيان ته توهان کان سنو ڪاڏو کاوان ها ۽ توهان کان بهتر لباس پهريان ها پر مان پنهنجو عيش ۽ راحت پنهنجي آخرت جي لاءِ باقي رکڻ چاهيان ٿو.[2]

## پورو پورو مهينو گهر ۾ چُلهه نه ٻرندي هئي

مسلمانن جي پياري امڙ حضرت عائشه صِديقه رَضِیَ اللّٰہ عَنْہا فرمائن ٿيون: ڪڏهن ڪڏهن پورو پورو مهينو گذري ويندو هو، پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي گهر مبارڪ ۾ باهه نه ٻرندي هئي.[3] هڪ روايت ۾ آهي: حضرت عائشه صِديقه رَضِیَ اللّٰہ عَنْہا پنهنجي ڀاڻيجي حضرت عروه بن زُبير کي فرمايو: اي ڀاڻيجا! ڪڏهن ڪڏهن

---

[1] بخاری، کتاب الرقاق، باب کیف کان عیش، صفحہ:1589، حدیث:6458۔
[2] خزائن العرفان، پارہ:26، سورۂ احقاف، تحت الآیۃ:20، صفحہ:928۔
[3] بخاری، کتاب الرقاق، باب کیف کان عیش، صفحہ:1589، حدیث:6458۔

ايئن ئي ٿيندو هو جو ٻه ٻه مهينا گذري ويندا هئا، سرڪارِ عالي وقار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي گهر مبارڪ ۾ باهه نه ٻرندي هئي. حضرت عروه بن زُبير رَضِیَ اللهُ عَنْه عرض ڪيو: ماسي جان! پوءِ توهان گذر بسر ڪيئن ڪندا هئا؟ فرمايائون: کجور ۽ پاڻيءَ تي.(1)

سيّده عائشه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا وڌيڪ فرمائن ٿيون: ڪڏهن ڪڏهن ايئن به ٿيندو هو، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائيندا هئا: عائشه! اچو! برڪت واري غِذا کائو...!! مان حاضر ٿيندي هيس ته سامهون 2 کهجورون هونديون هيون.(2)

روايتن ۾ آهي: تاجدارِ انبياء، محبوبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ دنيا مان تشريف کڻي ويا، پاڻ ڪڏهن هڪ ڏينهن ۾ 2 ڀيرا ڍؤ ڪري ڪاڌو نه ڪاڌائون.(3)

## آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ٻُڪ مبارڪ ياد اچي وئي!

هڪ ڀيري حضرت ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْه ڪٿان کان گذري رهيا هئا، ڏٺائون: ڪجهه ماڻهو ويهي ڀُڳل ٻڪري کائي رهيا آهن (هي ڏسي ڪري حضرت ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْه کي سرڪارِ عالي وقار، مڪي مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ ٻڪَ ياد اچي وئي، دل بي قرار ٿي وئي) انهن حضرت ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْه کي کاڌي جي دعوت ڏني ته سندن کائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ فرمايائون: نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن جَوَن جي ماني ڍؤ ڪري نه کاڌي ايستائين جو دنيا مان تشريف کڻي ويا.(4)

يعني مون کي ان وقت هي خيال آيو ته منهنجا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ته زندگي شريف ۾ جَوَن جي ماني لاڳيتو ڍؤ ڪري نه کاڌي ۽ مان ڀُڳل ٻڪري

---

[1] بخاری، کتاب الهبة وفضلها والتحريض عليها، صفحہ:661، حديث:2567ملتقطاً۔
[2] سبل الهدى، فی صفة عيشة فی الدنيا، جلد:7، صفحہ:100۔
[3] مسلم، کتاب الزہدوالرقائق،صفحہ:1138، حديث:2974۔
[4] بخاری، کتاب الاطعمة، صفحہ:1386، حديث:5414۔

ڪاوان! دل نہ ٿي چئي. حڪيمُ الامّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن روايت جي حوالي سان فرمائن ٿا: خيال رهي! هتي لاڳيتو نہ ڪائڻ جو ذڪر آهي (يعني پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مسلسل اعلٰي ڪاڌا تَناول نہ فرمايا، نہ تہ) حضورِ انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن پُڳل ڪُڪڙ بہ ڪاڌو آهي پر ڪڏهن ڪڏهن.(1)

## 3 ڏينهن ڪان بعد هڪ گره (لقمو)...!!

صحابيءِ رسول حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي: هڪ ڏينهن شهزاديءِ رسول، خاتون جنّت سيّده فاطمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا مانيءَ جو هڪ ٽڪرو ڪٽي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيون. پياري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڇيو: ڌيءُ! هي ڇا آهي؟ عرض ڪيائين: مانيءَ جو هڪ ٽڪرو آهي، مان چاهيان ٿي تہ پهريان اوهان کي پيش ڪريان، (پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان مان ڪجھ ڪاڌو، پوءِ فرمايائون:) ڌيءُ! 3 ڏينهن ڪانپوءِ هي پهريون گره آهي جيڪو اوهان جي والِد جي وات ۾ ويو.(2)

## بک جي سبب ويهي ڪري نماز پڙهي

مشهور صحابيءِ رسول حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيس، ڏٺم: پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ويهي (نفل) نماز ادا فرمائي رهيا آهن. مون عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ڪا تڪليف پهتي آهي ڇا؟ فرمايائون: (بلڪ نہ) بک جي سبب ويهي ڪري پڙهان ٿو. حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار، رسولِ بي مثال صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هي ڳالھ ٻڌي ڪري منهنجي دل پرجي آئي، منهنجي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا. ڏکويل دلين جي چين، حسنين جي نانا جان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

---

[1] مرآة المناجيح، جلد:7، صفحہ:63۔

[2] شُعب الايمان،باب فی الزہد، جلد:7، صفحہ:315، حديث:10430۔

فرمايو: اي ابوهريره! نہ رُو!...!! بيشڪ جيڪو دنيا ۾ ثواب جي امّيد تي بکَ برداشت ڪري، اهو قيامت جي شديد بک کان محفوظ رهندو. [1]

## رات جو کاڌو صبح جي لاءِ نہ رکندا هئا!

ابنِ عساڪر جي روايت آهي: مالڪِ جنّت، قاسمِ نعمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صبح جو کاڌو رات جي لاءِ ۽ رات جو کاڌو صبح جي لاءِ بچائي ڪري نہ رکندا هئا، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وٽ ڪڏهن بہ 2 شيون جمع نہ ٿيون (يعني ضروري استعمال جي هر شيءِ هڪ وقت ۾ هڪ ئي هوندي هئي مثال طور) 2 قميصون، 2 چادرون، نعلين شريف جا 2 جوڙا ڪڏهن نہ ٿيا (بلڪ هڪ وقت ۾ هڪ هڪ جوڙو ئي هوندو هو). سيّده عائشہ صديقہ رَضِىَ اللهُ عَنْهَا وڏيڪ فرمائن ٿيون: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي گهر ۾ ڪڏهن فارغ نہ ڏٺو ويو، جيئن ڪجهہ وقت ملندو هو پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جوتا ڳنڍيندا هئا تہ جيئن ڪو مسڪين پائي وٺي يا ڪپڙن کي چَتي هڻي وٺندا تہ جيئن ڪنهن غريب کي ڪم اچي وڃن. [2]

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ ان شاهِ خوش خِصال، محبوبِ ربِّ ذُوالجلال صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ حالت آهي، جن جي هٿن ۾ ٻنهي جهانن جي خزانن جون چاٻيون ڏنيون ويون. پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فقر اختياري هو. نہ تہ خدا جو قسم! جنهن کي جيڪو ڪجهہ ملندو آهي اهو پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي ۾ ئي ملندو آهي ۽ ڪائنات جي هر هر شيءِ کي نورِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فيض پهچندو آهي.

مالکِ کونین ہیں گو پاس کچھ رکھتے نہیں | دو جہاں کی نعمتیں ہیں ان کے خالی ہاتھ میں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] شُعب الايمان،باب فی الزہد، جلد:7، صفحہ:314، حديث:10425۔

[2] تاريخ دمشق ابن عساکر، جلد:4، صفحہ:101۔

## هڪ صاحبِ نظر جي حڪايت

هڪ وليُ الله مانيءَ جو ٽڪرو ڪائڻ جي لاءِ ڪنيو پوءِ ان ۾ روحانيت جي نظر سان غور ڪيائين تہ ان ٽڪري ۾ نور جو هڪ ڪرڙو نظر آيو پوءِ ان ڪرڙي جي ذريعي نظر مٿي ڪنيائين تہ ڏٺائون تہ اهو نوري ڪرڙو رحمتِ عالَم، نورِ مجسّم، شاهِ بني آدم، رسولِ مُحتشم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي نور جي هڪ ڪرڙي سان وابستہ آهي. شروع ۾ هڪ ڪرڙو نظر آيو. پوءِ غور ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ حضور سراپا نور، فيضِ گنجور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي نور جا ڪرڻا دنيا جي هر نعمت تائين پهچي رهيا آهن.[1]

ڪيا نورِ اَحمدی کا چمن میں ظُہور ہے | ہر گُل میں ہر شَجَر میں مُحَمَّد کا نُور ہے

## 2 ڏينهن ۾ هڪ پيرو ڪاڌي جي پسند جو اظهار

اسان جي مٺي مٺي آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي بک شريف اختياري هئي، حضورِ اڪرم، نورِ مُجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: منهنجي ربّ منهنجي لاءِ اهو پيش فرمايو تہ منهنجي لاءِ مڪي شريف جي جبلن کي سونَ جو بڻايو وڃي، پر مون عرض ڪيو، اي الله پاڪ! مون کي تہ هي پسند آهي تہ جيڪڏهن مان هڪ ڏينهن کاوان، تہ ٻئي ڏينهن مان بکايل رهان، تہ جيئن جڏهن مان بکايل رهان تہ تنهنجي طرف لڙک وهايان ۽ توکي ياد ڪريان ۽ جڏهن کاوان تہ تنهنجو شڪر ۽ حمد ڪريان.[2]

سلام اُن پر شکم بھر کر کبھی کھانا نہ کھاتے تھے
سلام اُن پر غمِ اُمّت میں جو آنسو بہاتے تھے

---

[1] فيضان سنت، پيٽ کا قفل مدينہ، صفحہ:648۔
[2] ترمذی، کتاب الزہد، باب ما جاء فی الکفاف والصبر، صفحہ:561، حديث:2347۔

## دنيا کان بچڻ ئي بهتر آهي!

الله! الله! اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي سندن ربِّ ڪريم پيشڪش فرمائي ته اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان چاهيو ته اوهان جي لاءِ مڪي شريف جا جبل سونَ جا بڻايا وڃن. ان جي باوجود پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دنيا کان بي رغبتي صد مرحبا...!! پاڻ سونَ جا پهاڙ قبول ڪرڻ ته رهي پري جي ڳالھ روزانو جي ضرورت جو کاڌو به طلب نه فرمايو بلڪ عرض ڪيو: مولا! مان هڪ ڏينهن کاوان، هڪ ڏينهن بکايل رهان، جڏهن کاوان ته تنهنجو شڪر ڪريان، جڏهن بکايل رهان ته تنهنجي حضور ٻاڏائيندو ڪريان.

هاءِ افسوس! هڪ اسان آهيون، دنيا جي محبت اسان جي دلين ۾ گهر ڪري وئي آهي، ڪاش! اسان به دنيا جي بدران آخرت جو فڪر ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

| | |
|---|---|
| پيڇا مِرا دُنيا کی محبّت سے چُھڑا دے | يا رَبّ! مجھے ديوانہ مدينے کا بنا دے [(1)] |

## دنيا راند روند آهي

سيپارو: 7 سورة انعام، آيت: 32 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا لَعِبٌ وَّلَهْوٌ ؕ وَلَلدَّارُ الْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۳۲﴾<br>(سيپارو: 7 سورة اَنعام: آيت 32) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ دنيا جي زندگي صرف راند روند آهي ۽ بيشڪ آخرت وارو گهر ڊڄڻ وارن جي لاءِ بهتر آهي پوءِ ڇا توهان سمجهو نه ٿا؟ |

خليفهٔ اعلٰي حضرت، حضرت مفتي سيّد محمد نعيمُ الدّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

[1] وسائل بخشش، صفحہ:112۔

هن آيت جي تفسير ۾ جيڪو ڪجھ فرمايو، ان جو خلاصو آهي: نيڪيون ۽ عبادتون توڙي جو دنيا ۾ رهي ڪري ئي ڪيون ويندون آهن پر هي دنياوي نه بلڪ اُخروي ڪم آهن. هن آيتِ ڪريمہ مان ثابت ٿيو تہ نيڪ ٻانهن جي اعمال کان سواءِ دنيا ۾ جيڪو ڪجھ آهي سڀ راند روند آهي.[1]

دولتِ دُنیا سے بے رغبت مجھے کر دیجئے | میری حاجت سے مجھے زائد نہ کرنا مالدار[2]

## ڪهڙي دنيا چڱي، ڪهڙي بري؟

شيخِ طريقت، اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: دنياوي شين جا 3 قِسم آهن (1): اهي دنياوي شيون جيڪي آخرت ۾ ساٿ ڏينديون آهن ۽ انهن جو فائدو مرڻ کان بعد بہ ملندو آهي، اهڙيون شيون صرف 2 آهن: عِلم ۽ عمل (يعني اخلاص سان ڪيل عبادت). دنيا جو هي قِسم محمود (يعني تمام عمده) آهي. (2): دنيا جون اهي شيون جنهن جو فائدو دنيا تائين محدود رهندو آهي، آخرت ۾ انهن جو ڪو فائدو ناهي ملندو، جيئن گناهن کان لذت حاصل ڪرڻ، جائز شين کان ضرورت کان وڌيڪ فائدو ڪڍڻ مثال طور جائيداد، سون، چاندي، بهترين ڪپڙا ۽ سنا سنا کاڌا کائڻ وغيره. هي دنيا جي قابلِ مذّمت قِسم ۾ شامل آهي. (3): اهي دنياوي شيون جيڪي نيڪين تي مددگار هجن، جيئن ضروري غذا، ڪپڙا وغيره هي قِسم بہ محمود (يعني چڱو) آهي.[3]

دُنیا کے غموں کی تم لِلّٰہ دَوا دیدو! | بُلوا کے غمِ اپنا دو سرکار مدینے میں[4]

الله پاڪ اسان کي دنيا، هتان جي گناهن ڀري يا فضول عيش و عشرت کان

---

[1] خزائن العرفان، پاره:7، سورة انعام، تحت الآية:32، صفحہ:252خلاصۃً۔
[2] وسائل بخشش، صفحہ:218۔
[3] نیکی کی دعوت، صفحہ:261۔
[4] وسائل بخشش، صفحہ:277۔

محفوظ فرمائي، ڪاش! رڳو الله ۽ رسول جي محبت دل ۾ گهر ڪري وڃي ۽ اسان بس مديني جي يادين ۾ تڙپندا رهون، آخرت جي فڪر ۾ گُم رهون، دنيا کان رڳو جائز ضرورتون پوريون ڪندي الله ۽ رسول جي رضا وارا ڪم ڪندي ڪندي مصطفٰي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جلون ۾، سنهرين جارين جي سامهون ايمان ۽ عافيت سان گڏ دنيا مان رخصت ٿيون.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

| | |
|---|---|
| جاہ و جلال دو نہ ہی مال و مَنال دو | سَوزِ بلال بس مِری جھولی میں ڈال دو |
| دُنیا کے سَارے غم مرے دل سے نکال دو | غم اپنا یاحبیب! برائے بِلال دو |
| بہتی رہے جو ہر گھڑی بس یاد میں شہا! | وہ چَشمِ اَشکبار پئے ذُوالجلال دو |
| دو دَرد سنّتوں کا پئے شاہِ کربلا | اُمّت کے دِل سے لَذّتِ عصیاں نکال(1) |

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال

پيارا اسلامي ڀائرو! دنيا ۽ ان جي عيش ۽ عشرت کان جان ڇڏرائڻ، زُهد ۽ تقوٰي جي نعمت حاصل ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! 12 ديني ڪم به خوب ذوق ۽ شوق سان ڪندا ڪريو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت جون بي شمار ڀلايون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم رسالو نيڪ اعمال به آهي. هي مختصر رسالو مڪتبةُ المدينه کان طلب ڪيو ۽ چاهيو ته دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ (www.dawateislami.net) تان ڊاؤن لوڊ ڪري وٺو بلڪ وڌيڪ آساني چاهيو ٿا ته پنهنجي موبائل ۾ ***Naik Amal*** ايپليڪيشن انسٽال

[1] وسائل بخشش، صفحه:305۔

ڪري وٺو، ان ۾ مختلف نيڪ اعمال تي مشتمل سوالات ڏنا ويا آهن، هر سوال جي هيٺان 30 خانا آهن، روزانو پنهنجي مرضيءَ جو ڪوبه وقت مقرر ڪري پنهنجي اعمال جو جائزو وٺو، ۽ ان جي مطابق زندگي گذاريو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جي برڪت سان گناهن کان بچڻ ۽ نيڪين ڪرڻ جو ذهن بڻجندو، دل کي پاڪيزگي ملندي ۽ ڪردار صاف سترو ۽ خوبصورت ٿي ويندو. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## پورو گهراڻو سُڌري ويو

ضلع اٽڪ (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاء جو بيان آهي، مان گناهن ڀري زندگي گذاري رهيو هيس، فلمون ڏسڻ، آوارا گردي ڪرڻ، نمازون قضا ڪرڻ وغيره منهنجي معمولات ۾ شامل هو، هڪ ڀيري اسان جي علائقي ۾ عاشقانِ رسول جو مدني قافلو آيو، انهن مان هڪ اسلامي ڀاءُ مونکي مغرب جي نماز پڙهڻ ۽ بيان ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، منهنجي خوش نصيبي جو مان انهن سان گڏ مسجد هليو ويس، مغرب کان بعد بيان ٻڌي ڪري وڏو لطف آيو، بيان جي آخر ۾مبلغ نيڪ اعمال رسالي جو تعارف (***Introduction***) ڪرايو، رسالي نيڪ اعمال ۾ لکيل نيڪين ڀري زندگي گذارڻ جا مدني گُلَ ڏسي ڪري مونکي تمام گهڻي خوشي ٿي، ان رسالي جي صورت ۾ شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو اصلاحِ امّت جي لاءِ جذبو ڏسي ڪري مون هٿون هٿ بيعت جي لاءِ نالو ڏئي ڇڏيو ۽ عطاري بڻجي ويس، وقت جي ڪامل ولي سان نسبت جا ٿي، دل گناهن کان بيزار ۽ نيڪين جي طرف مائل ٿي وئي، مون گناهن کان توبهه ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کي دل ۽ جان سان اپنائي ورتو، ان جي برڪت سان منهنجا اخلاق سنا ٿيڻ لڳا، منهنجي ان تبديلي جو منهنجي گهر وارن تي بہ چڱو اثر ٿيو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! آهستہ آهستہ پورو گهراڻو ئي قادري، رضوي، عطاري بڻجي ويو، گهر ۾ نمازن جي پابندي شروع ٿي وئي، فلمون ڊراما، ڳائڻ وڄائڻ بند ٿي ويا ۽ گناهن ڀري چينلز

جي جڳهه مدني چينل هلڻ لڳو.

| | |
|---|---|
| خوب مَدنی قافِلوں کی دھوم ہو | نیک ہو امّت اے نانائے حسین |
| مَدنی اِنعامات کی ہو ریل پیل | نیک ہو امّت اے نانائے حسین (1) |

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ مدني انعامات ڪي هاڻي نيڪ اعمال چيو ويندو آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مدني قاعده (*Madani Qaida*) موبائل ايپليڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ جي دعوتِ اسلامي جي ***I.T*** ڊيپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپليڪيشن بہ جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: مدني قاعده (***Madani Qaida***) هن ايپليڪيشن ۾ مڪمل مدني قاعدو ۽ ان جو آڊيو (***Audio***) شامل ڪيو ويو آهي يعني هن ايپليڪيشن ۾ توهان مدني قاعدي جي جنهن اکر يا جنهن لفظ تي ڪلڪ (***Click***) ڪندا، آڊيو (***Audio***) ۾ ان جو تَلَفُّظ هلندو، ايئن هن ايپليڪيشن جي مدد سان آسانيءَ سان مدني قاعدو پڙهي ڪري، ان جي مشق (***Practice***) ڪري درست مخارج ۽ ضروري تجويد سکي سگهجي ٿي. هي ايپليڪيشن پنهنجي اسمارٽ فون ۾ انسٽال ڪري وٺو، پاڻ بہ فائدو حاصل ڪيو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ

---

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:258۔

نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## قَناعت سنّتِ مصطفٰي آهي

2 فرامينِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ (1): جنهن ايمان آندو، ڪفايت جيترو رزق ڏنو ويو ۽ ان الله پاڪ جي ڏنل تي قناعت ڪئي بيشڪ اهو ڪامياب (*Successful*) ٿيو[2] (2): اي ابو هريره! قناعت اختيار ڪيو سڀ ڪان وڌو شڪر گذار بڻجي ويندي.[3]

اي عاشقانِ رسول! قناعت سنّتِ مصطفٰي آهي. قناعت جي معنٰي آهي: جيترو مليو ان تي راضي رهڻ، وڌيڪ جي خواهش نہ ڪرڻ ❁ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي جيڪو ملندو رضا خوشيءَ سان تناول فرمائيندا هئا ❁ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن بہ کاڌي ۾ عيب نہ ڪڍيو ❁ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن لذيذ (*Tasty*) مزيدار کاڌن جي خواهش نہ فرمائي ❁ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مال ۽ دولت جي خواهش نہ رکندا هئا.

کُل جہاں مِلک اور جَو کی روٹی غذا | اس شکم کی قناعت پہ لاکھوں سلام[4]

پيارا اسلامي ڀائرو! سنّتِ مصطفٰي تي عمل ڪيو! قناعت اختيار ڪيو ❁ قناعت ايمان جو ڪمال، اسلام جو حُسن آهي ❁ قناعت ڪرڻ وارو پاڻ کي دنيا

---

[1] تاريخ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔
[2] مسلم، ڪتاب:الزڪاة، باب:القناعة، صفحہ:376، حديث:1054۔
[3] ابن ماجہ، ڪتاب:الزہد، باب:الورع والتقوىٰ،صفحہ:684، حديث:4217ملتقطًا۔
[4] حدائق بخشش، صفحہ:304۔

ڪان بچائيندو، آخرت جي راھ تي ھلائيندو آھي ۞ قناعت ڪرڻ وارو الله پاڪ جو محبوب آھي ۞ قناعت ڪرڻ واري سان ماڻھو بہ محبت ڪندا آھن[1] ۞ امام شافِعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: قَناعت مالداريءَ جو اصل آھي.[2]

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙھو، سنّتن سکڻ جو ھڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آھي.

اُلفتِ مصطفےٰ اور خوفِ خُدا<br>
عِلْم حاصِل کرو، جَہْل زائِل کرو

چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو<br>
پاؤگے راحتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1] نضرة النعيم، جلد:8، صفحہ:3175۔
[2] ديوانِ امام شافعی، صفحہ:133۔

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

## اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِالنَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِىَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.[2]

### ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

[1]... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف ڪي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان معظم آهي: جيڪو شخص هي درود پاڪ

---

[1]... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2]... افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]... القول البديع، الباب الاول، ص3125

پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي، الله پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!        صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

[2]... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[3]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455